بسم الله الرحمن الرحيم

شام غريبان جي مجلس جناب عمدة العلماء مرحوم جن براڊ ڪاسٽ ٿيڻ کان گهڙو اڳ ئي شروع ڪري ڇڏيندا هئا. هن وقت جيڪا تقرير شايع ڪئي وڃي ٿي سا ممدوح جي تقرير جو صرف اهو حصو آهي جيڪو آل انڊيا ريڊيو تي براڊ ڪاسٽ ڪيو ويندو هو.

”جاهل ۽ بد باطن انسانن جو خيال آهي ته امام حسين؏ ڪربلا ۾ ملڪ وٺڻ ۽ سلطنت حاصل ڪرڻ جي مقصد سان آيا هئا. جهاد ڪري فتح حاصل ڪرڻ سندن تمنا هئي- ليڪن هي محض بي بنياد الزام آهي- جي اوهانجي نظر پنهنجي مظلوم امام جي پوري سوانح عمري ۽ سموري حالات زندگي تي پوندي ته اوهان منهنجي تصديق ڪندؤ ته جيڪڏهن امام حسين؏ جي نيت جهاد جي هجي ها ۽ سندن جهاد جو مقصد ئي فتح هجي ها، ته اسان جو امام ايترو بي اثر نه هو جو لشڪر جمع ڪري نه سگهي ها، ٻه چار هزار ماڻهو مديني مان ڏهه ويهه هزار حج جي وقت مڪي مان، يمن مان، بصري مان، عربن جي مختلف قبيلن مان، ٽيهن چاليهن هزارن جو لشڪر گڏ ڪرڻ امام حسين عليه السلام جي واسطي ڪا وڏي ڳالهه ڪا نه هئي. جيئن ته حضرت جن جي

بغير طلب ڪرڻ جي رستي ۾ ٽي هزار ماڻهن کان ٻه وڌيڪ ساڻن همراهه ٿي ويا هئا. جي پاڻ لشڪر جمع ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ها ته ڪيترا ساڻن گڏ ٿين ها. مگر حضرت جن جو اِهو مقصد بلڪل ڪونه هو. نه مديني ۾ لشڪر ڪٺو ڪيو نه مڪي ۾ اعلان جهاد ڪيو نه شهر شهر کان ماڻهن کي سڏائڻ جي ڪوشش ڪئي. بلڪ برخلاف ان جي جيڪي ماڻهو هيتان هُتان اچي شامل ٿيا هئا، تن کي پنهنجو مقصد سمجهائي پنهنجي شهادت جي خبر ٻڌائي جدا ڪرڻ شروع ڪيو ۽ صرف انهن ماڻهن کي ساڻ رکڻ جي ڪوشش ڪئي بلڪ خط لکي گهرايو جن کان ٻاهتر شهيدن جو تعداد پورو ٿي وڃي ۽ اُهي اهڙا ايمان ۾ ڪامل هجن جو شهادت جي خبر ٻڌي دين کي نه ڇڏين، بلڪ ثابت قدميءَ ۾ وڌيڪ اضافو ٿي وڃي. ڪي ماڻهو مديني کان ساڻ کنيان مگر اُهيئي جي ٻارڙي هجن پر قدمن ۾ لغرش نه اچي، ڪي ماڻهو مڪي مان چونڊيا مگر اهيئي جي پيرسن ٿي هجن پر همٿن ۾ ڏڪڻي پيدا نه ٿين، ڪي ماڻهو رستي مان کنيان پر اهڙا جو شهادت جي خوشخبري ٻڌي جهولڻ لڳن.

زالون به ساڻ کنيون مگر اُهي جي آخرين وقت ۾ پنهنجي دل جي ٽڪڙن جا سِر گوڏن تي رکن مگر منهن تان رت اُگهي چون ته نور نظر توهان اسان کي فاطمة الزهراءَ جي اکيان سرخرو ڪري ڇڏيو. روئين

ته سهي مگر بي صبر نه ٿين- سينه زني ڪن مگر بد دعا نه ڪن- قيدي ٿي وڃن مگر حق جو اعلان ڪنديون رهن- هٿن ۾ رسيون ته ٻڌجن مگر تبليغ ايمان کان زبان نه رڪجي- قيد خاني ۾ هجن پر اسلام جي آزاديءَ جو اعلان ڪنديون رهن- حسين عليه السلام جن ڏسي چڪا هئا ته ناني جهاد ڪيو مگر ٻي ايمانن کي چوڻ جو موقعو مليو ته اسلام تلوار جي زور سان پکڙيو- بابي جهاد ڪيو مگر منافقن جي زبان نه رڪي ته سلطنت حاصل ڪرڻ لاءِ علي عليه السلام جنگ ڪئي- هاڻي اي حسين ع تون جهاد جو نمونو هن طرح سان بدلاءِ جو جيڪڏهن ڪوبه بدباطن چئي به ڪٿي ته حسين ع سلطنت جي واسطي وڙهيو هو ته مسلمان نه آهي پر ڪافر آهي- دوست نه آهي دشمن آهي- موافق ته ٺهيو پر مخالف به زبان مان چئي سگهن ته هرگز حسين ع سلطنت جي واسطي نه وڙهيو هو- دين جي واسطي وڙهيو، ايمان لاءِ وڙهيو، حق جي لاءِ وڙهيو، خدا جي لاءِ وڙهيو، بلڪ انسانيت جي حمايت جي واسطي وڙهيو. افسوس وقت تنگ آهي منهنجي طاقت ختم آهي، آواز به ساٿ ڇڏي چڪو آهي- جيڪي چوڻ گهران ٿو اهو هڪڙو سمنڊ آهي، ڪهڙي طرح ڪوزي ۾ بند ڪريان ڪهڙي طرح سورن کي نقطو ۽ درياهه کي قطرو بڻائي سامعين تائين پهچايان- منهنجي دعويٰ آهي ته انسانيت ۽ اسلام ظاهر ۾ ٻه جدا لفظ آهن مگر درحقيقت هڪڙي شيءِ آهي- تعليم انسانيت ۽ تبليغ اسلام ٻه جدا جملا آهن

مگر معني هڪڙي آهي. احڪام مذهب ۽ حُسن اخلاق ٻئي جدا جدا عبارتون آهن مطلب هڪڙوئي آهي. مومن ڪامل ۽ ڪردار جي بلندي ظاهر ۾ جدا آهن مگر دراصل هڪ آهن. انسان ۽ حيوان، آدم ۽ جانور ۾ صورت جو فرق ڪو فرق ڪونهي. نڪ ۽ نقشي جو تفاوت ڪو تفاوت ڪونهي. ڇا هزارن قسمن جي جانورن ۾ هرقسم جي جانور جي صورت الڳ نه آهي. مگر انهي صورت جي فرق ڪنهن به جانور کي حيوانيت کان جدا نه ڪيو. وڏي ۾ وڏو فرق هوندي به سڀ جانور جانور ٿي رهيا، ته انسانن جي صورت جي فرق انسان کي حيوان کان جدا ڪونه ڪيو. خواهشات، جذبات ۽ احساسات جي فرق به انسان کي جانور کان الڳ نه ڪيو. کائڻ پيئڻ جهڙي طرح انسان ۾ آهي اهڙي طرح جانور ۾ به آهي. سمهڻ ۽ جاڳڻ جهڙي طرح انسان ۾ آهي اهڙي طرح جانور ۾ آهي. غيظ و غضب جهڙي طرح انسان ۾ آهي اهڙي طرح جانور ۾ آهي. توالد و تناسل جهڙي طرح انسان ۾ آهي اهڙي طرح جانور ۾ آهي. محبت، عداوت جهڙي طرح انسان ۾ آهي اهڙي طرح حيوان ۾ آهي. مگر عقل ۽ صرف عقل ئي آهي جو انسان ۾ آهي ۽ جانور ۾ نه آهي. هي بلڪل ناممڪن آهي ته انسان پنهنجي ڪنهن اهڙي خواهش کان ڪم نه وٺي جا جانور ۾ به موجود آهي. ڪير آهي جو کائڻ پيئڻ، سمهڻ جاڳڻ، توالد و تناسل، غيظ و غضب، محبت و عداوت کان دستبردار ٿي وڃي؟

ناممڪن ۽ بلڪل ناممڪن آهي- انهن سڀني قوتن ڪان
انسان ڪم وٺي ٿو ۽ ضرور وٺندو، تہ پوءِ انسان ۽
حيوان ۾ ڪهڙو فرق رهندو- آءٌ اوهان کي عرض ڪريان
تہ فرق تمام نازڪ آهي ۽ صرف هي تہ جڏهن حيوان
انهن قوتن ڪان ڪم وٺندو تہ عقل نہ هئڻ ڪري صرف
انهن جذبات جو بندو بڻجي ڪم وٺندو، ۽ انسان جڏهن
انهن قوتن ڪان ڪم وٺندو تہ انهن جو بندو بڻجي ڪم
نہ وٺندو بلڪ خود انهن جذبات کي عقل جو غلام
بڻائي ڪم وٺندو، عقل ڪان مشورو وٺي ڪم وٺندو-
جڏهن هي فرق نڪتو تہ توهانکي ميڄُو پوندو تہ جنهن
انسان عقل هئڻ ڪان پوءِ بہ عقل ڪان ڪم نہ ورتو،
جذبات ۽ خواهشات جو بندو ٿي رهيو، اُهو جانور ڪان
بہ بدتر آهي ۽ جيڪو انسان پنهنجي ڪنهن بہ جذبات
۽ خواهشات جو بندو ٿي نہ رهيو بلڪ صرف عقل جو
بندو ٿي رهيو ۽ پنهنجي سڀني خواهشاتن کي عقل جي
غلاميءَ ۾ ڏئي ڇڏيو اُهو عين انسان آهي ۽ اسلام
اهوئي سيکاري ٿو تہ پنهنجي هر ڪنهن خواهش کي عقل
جي غلاميءَ ۾ ڪهڙي طرح سان ڏنو وڃي- تنهنڪري
تعليم انسان ۽ تعليم انسانيت بلڪل هڪڙي شيءِ ٿي
وٺي- تہ جنهن حسينؑ اسلام کي بچايو، اُنهين انسانيت
کي بچايو- جنهن حسينؑ بي ديني کي مٽايو، اُنهين
حيوانيت کي مٽايو، ظلم و جور مٽايو، بي ايماني کي
مٽايو- اوهين ياد رکو تہ جيڪڏهن امام حسينؑ ڪربلا
۾ اڪيلا هجن ها تہ ڪالهہ چوڻ ۾ اچي ها تہ ڪروڙن

انسانن مان جيڪڏهن هڪڙو انسانيت جي بلند منزل تي پهچي وڃي ۽ انسانيت جي آخري منزل ڪان به بالڪل گهڻو بلند تي وڃي ته هرانسان جي واسطي هن جي سيرت نمونهٔ عمل نٿي ٿي سگهي-

ڪروڙن انسانن مان فقط هڪڙي جو انهي منزل تي پهچڻ خود هي انهي ڳالهه جو دليل آهي ته هرانسان هن جو نظير نٿو بڻجي سگهي- انهي ڪري مظلوم امام پنهنجي عملي راهه ۾ سؤ ڏيڍ سؤ انسانن کي شريڪ ڪيو ته هاڻي ته منهنجو نقش قدم بي‌نظير ته نه آهي- منهنجي عمر ستونجاهه اٺونجاهه سالن جي آهي، ڏسو ته مون کان زياده سن رسيده انسان منهنجي نقش قدم تي هلي رهيا آهن يا نه؟ ممڪن آهي ته هن جذبهٔ فداڪاري کي بني هاشم جي مخصوص صفت سمجهو ته ڏسو مون سان هرقوم ۽ قبيلي جا انسان آهن يا نه؟ جيڪڏهن ڪو نوجوان منهنجي نقشي کي پنهنجي واسطي مثال نه سمجهي ته ڏسو ته مون سان جوان آهن يا نه؟ جيڪڏهن ڪمسن ٻار جوانن جي نقش قدم تي قدم رکڻ لاءِ تيار نه هجن ته ڏسو ته مون سان ننڍڙا ٻار آهن يا نه؟ جيڪڏهن عورتون مردن جو نمونو پنهنجي واسطي ناممڪن سمجهن ته ڏسو ته مون سان عورتون به آهن يا نه؟ مون وانگر شاهراهه امامت تي توهين نٿا هلي سگهو ته مسلم بن عوسجه کي ڏسو- حبيب ابن مظاهر کي ڏسو- منهنجي عباس ع ڀاءُ کي ڏسو، منهنجي نورچشم علي اڪبر ع

کان سبق وٺو. انهي کان به زياده ڪمسن هجو ته
منهنجي قاسم کي ڏسو. تلوار کڻڻ جي طاقت نه هجي
ته منهنجي ڀاءُ جي يادگار عبدالله ابن حسنؑ وانگر
تلوار جي هيٺان ٻانهون ته ٻ گهيري ڇڏيو. جيڪڏهن
ايترو به نه ٿي سگهي ته اصغر وانگر مرڪي تير جي
سامهون گلو ته پيش ڪريو. ظالمن تلوارن نٿيون ڪٽي
سگهن ته هٿن ۾ رسيون ته ٻڌائي سگهن ٿيون، قيد جون
انڌاري راتيون ته صبر سان گذاري سگهن ٿيون. جيڪڏهن
ڪو چوي ته آءٌ ته نئون مسلم آهيان، خانداني نسل جي
خدا پرستن جي قوت و ثبات ڪٿان آڻيان ته منهنجي حُر رحه
کي ڏسو، ٻن قدمن تي سيرت بدلجي وئي، عادت بدلجي
وئي، جهنم مان جنت ۾ بدلجي وئي، حيوانيت مان انسانيت
بدلجي وئي. عليؑ وانگر شهيد ٿيڻ حسينؑ کان به
ممڪن هو. حسنؑ وانگر زهر پيئڻ حسينؑ جي واسطي
به آسان هو. مگر چوڻ ۾ اچي ها ته علم و يقين بعد
شهادت حڪم خدا جي اطاعت ۾ تلوار جي هيٺان سر
جهڪائڻ، زهر جو پيالو پيئڻ امام جوئي ڪم آهي،
انسان جي امڪان کان ٻاهر آهي. تنهنڪري حسينؑ
سؤ ڏيڍ سؤ اهڙن مردن ۽ زالن کي نمونءُ عمل بنائي
ڇڏيو، جن مان هڪڙو به امام نه هو، هي سڀئي ۽ ڪل
انسانيت جي تعليم ڏيڻ جي واسطي حيوانيت جي مقابلي
۾ سينو تاڻي بيهي رهيا ۽ ظلم جي مقابلي ۾ مظلوميت
جي مڪمل تصوير بڻجي ويا. دنيا پرستي جي مقابلي ۾
دينداري جو جلوه پيش ڪرڻ لاءِ آئينهٔ جمال بڻجي

ويا- يزيدلعہ هوڏانهن هو- حسينؑ هيڏانهن هو- شيطان هوڏانهن هو- خدا هيڏانهن هو- ڪفر هوڏانهن هو، اسلام هيڏانهن هو- بيديني هوڏانهن هئي ته ايمان هيڏانهن هو- ظلم و جور هوڏانهن هو ته عدل و انصاف هيڏانهن هو- نفس پرستي هوڏانهن هئي ته حق پرستي هيڏانهن هئي- ڪثرت هن طرف هئي ته قلت هن طرف هئي- فتح تي ناز هوڏانهن هو ته شهادت جي مسرت هيڏانهن- حيوانيت جو مڪمل نمونو هو هئا- انسانيت جي مڪمل تصوير هي هئا- انهي انسانيت ۽ حيوانيت جو فرق هو جو يزيدلعہ وارن جو هر فعل قابل مذمت هو ۽ حسينؑ وارن جو هر عمل قابل مدح هو- آءٌ عرض ڪري چڪو آهيان ته خواهشات نفساني کي عقل تي غالب ڪرڻ حيوانيت آهي ۽ تمام خواهشن کي عقل جي تابع رکڻ عين انسانيت آهي.

پياس ۾ سئو يا خراب پاڻي پيئڻ عين حيوانيت آهي ۽ پنهنجو پاڻي حر جي لشڪر کي پيارڻ عين انسانيت آهي، پوءِ تي پاڻي بند ڪري ندي جي وهندڙ موجن مان لطف وٺڻ حيوانيت آهي- قدرت هئڻ هوندي به پياس کان زبان چپاڙڻ عين انسانيت آهي- وڏي ۾ وڏي زبردست پهلوان يا جانور کي به ٽي چار ڏينهن پاڻي نه ڏجي ته هو به اوهان جي اڳيان سر جهڪائڻ لاءِ مجبور ٿي ويندو- هي آهي حيوانيت- مگر ٽن ڏينهن جي اُڃ برداشت ڪرڻ کان پوءِ به پيشانيءَ تي ڪنهن قسم

جو بـَل نه اچي هي آهي انسانيت - هن ڳالهه کي ڪٿي
نه مڃيو ته ٻاڻي امام جي قبضي ۾ هو جنهن وقت چاهي
ها ته امامت جي زور سان پيدا ڪري سگهي ها نه
حسين ع جي قبضي ۾ يزيد لعه جي بيعت ۽ اطاعت نه
هئي، مگر اُهو جانور آهي جو بک ۽ پياس کان بيچين
ٿي سر جهڪائي ڇڏي ٿو - مگر هي هئي عين انسانيت
جو ٽن ڏينهن جي بک ۽ پياس ۾ زور ايمان آهوئي
رهيو ۽ حيوانيت جي اڳيان سر نه جهڪايو -

ڇا حسيني ع لشڪر وارن يزيد لعه وارن کي زخمي
ڪونه ڪيو؟ قتل ڪونه ڪيو - جـڙي هائو -

هيڏانهن ته ٻاهتر افراد قتل ٿيا ۽ هوڏانهن هزارين
مئا - مگر انهي هوندي به هي مظلوم هُو ظالم - هُو
جهنم ۾ هي جنت ۾ هُو قابل مذمت هي لائق مدح -
هُنن جا مُردا ڪلهن جي لائق، هنن جون لاشون روئڻ جي
لائق - هيترو فرق ڇو؟ صرف انهي لاءِ ته ڪنهن به
بي خطا انسان جو قتل ڏوهه آهي ۽ ڪنهن موذي جانور
جو قتل ڏوهه نه آهي - هيڏانهن جيڪي شهيد ٿيا سڀ
انسان هئا ۽ هوڏانهن جيڪي قتل ٿيا اُهي انساني صورت
۾ جانور هئا ۽ اُهي به اذيت ڏيڻ وارا - هُو ظلم جي
حمايت ۾ مئا - هي مظلوم جي حمايت ۾ شهيد ٿيا -
هُنن جو قتل ٿيڻ عين بي عقلي هو - هِنن جو
شهيد ٿيڻ عين عقل ۽ عين ايمان هو، خدا جي
راهه ۾ فداڪاري هو، سرفروشي هو ۽ هن سرفروشي
۾ جوانن جي هڪ پاسي پيرمرد هئا ته ٻي پاسي ٻار

هٿا ۽ پنهنجيان زالون هيون، گرميءَ ۾ تتل زمين هئي، هوا سخت مخالف هئي آسمان تي اونده اندوڪار هئي. آفتاب پنهنجو زور ڏيکاري رهيو هو. ملائڪن حيراني کان آڱريون ڏندن ۾ ڏنيون. خدا کي پنهنجي قدرت تي ناز. پاهتر کي پنهنجي امام تي ناز. دشمن کي حيوانيت تي ناز. حسينؑ کي پنهنجي انسانيت تي ناز. هو تيار ته ظلم جي ڪا حد باقي نه رهي. حسينؑ تيار نه صبر جي ڪا منزل رهجي نه وڃي.

صبح عاشور نمودار ٿي، نماز لاءِ مصليٰ وڇائجي ويا. بهادرن درگاه باري ۾ دعا جي واسطي هٿ کنيا. شهادت جي تمنا. صبر جي تمنا. ثابت قدم رهڻ جي آرزو. ايمان تي قائم رکڻ جون دعائون گهرڻ کان پوءِ آهي هٿ تلوارن جي قبضي طرف وڌيا. پيرسنن نيزن جو سهارو ڪيو. پار تيرن سان کيڏڻ لڳا. خون وهيو نه همٿ وڌي. زخم کاڌائون نه ڪيلي ڏنائون. سر وڍيو ته فارغ البال ٿيا. لاشون ڪريون ته آرام آيو. سائي نه رهيا ته عزيز اڳتي وڌيا. چاچي جو اولاد. ڀاءُ جا پار. عباسؑ جا پائر سيني وفاداري جو امتحان ڏنو. آخر علمدار حسينؑ پنجن هزارن تي حملو ڪيو. صفون ٽوڙي فرات تي قبضو ڪيو. مشڪ ڀري. پاڻي نه پيتو بازو وڍيا. گرز لڳو سنڀالي نه سگهيو، آخر ڀاءُ کي آواز ڏنو. حسينؑ سر زانو تي رکيو. ڀاءُ ڀاءُ کان موڪلايو. زخمن جي ايتري ڪثرت جو لاش به حسينؑ

ڪٿي نه سگهيو- هاڻي نورنگاهه جو وارو آيو- ارڙهن
ورهين جو سن- ڀرپور جواني- ماءُ جي تمنا- ڦڦي جي
هنجهه جو پاليل- پيءُ جي دل جو ٽڪرو- بيحد حسين،
بي انتها خوبصورت شبيهه رسول هٿ ادب جا ٻڌي اڳيان
وڌيو- پٽ کي حسين ع حسرت جي نگاهه سان ڏٺو-
دل ڏڙڪي- مگر پاڻ سنڀاليو- گلي سان لائي پيار ڪيو-
مرڻ جي موڪل ڏني- جوان پٽ گهوڙي تي چڙهي
روانو ٿيو ۽ ضعيف پيءُ دل سنڀالي پٺيان پٺيان هليو-
علي اڪبر ع پٺتي وراڻي ڏٺو- بابا- اوهين ڇو ٿا تڪليف
وٺو، امام جواب ڏنو اي پاره جگر آءٌ توکي روڪيان
ڪونه ٿو ويچ، وڃ خدا توکي شهادت مبارڪ ڪري، مگر
نورنظر جيستائين ممڪن هجي منهن ورائي ورائي ڏسندو
وڃ ته آءٌ تنهنجي آخري زيارت ڪندو رهان- هي صبر
جي آخري منزل هئي جو جوان پٽ جو آواز آيو بابا
آخري سلام ۽ پيءُ لڇندو پٽ جي ميت تي پهتو-
جهڪي پٽ جو منهن چميو- ڏڪندڙ هٿن سان لاش
کڻين- جڏهن هي منزل به پوري ٿي ته خيمي ۾ اچي
اصغر ع کي کنيو- ڇهن مهينن جي ٻار کي هنج ۾
کنيو- حسين ع جي دل جي تمنا ته آخرين هديو خدا
جي بارگاهه ۾ پيش ڪريان- دنيا حيران آهي ته هن
ٻار کي مقتل ۾ ڇو آندو ويو، مگر انهيءَ لاءِ آندو
ويو ته دشمن جي ظلم جي آخرين حد ظاهر ٿئي،
انهي ڪري آندو ويو ته هرڪو صاحب اولاد ٻڌي ڏکي

وڃي - انهي ڪري آنڊو نه تمام دنيا ڏسي ته حسينؑ جون مجبوريون ڪيتري حد تائين هيون. جيڪي معصوم زاديون حسينؑ سان هيون انهن مان ڪابه ٽن ورهين کان ننڍي نه هئي- جيڪي ٻار خيمن ۾ بچي ويا آهي ٽن ورهين کان به زياده هئا- ايڏا ٻار ٿورڙي سهي مگر پيدل هلي نه سگهن ها- محمل يا ڪجاوي ۾ ويهي نه سگهن ها- مگر ڇهن مهنن جو ٻار هنجهه کان سواء ڪيئن گذاري ها- حسينؑ کي خبر هئي ته مون کان پوء ظالن جا نه هٿ پڊبا، ڪير هوندو جو علي اصغرؑ کي هنجهه ۾ کڻندو- انهي ڪري آغوش لحد ۾ سمهاريو ته منهنجي جان- تون هن پينگهي ۾ آرام ڪر- هي هديو مختصر هو- مگر پيش ڪرڻ جو انداز سخت هو- ٻار کي سنڀالڻ آسان هو، پر دل کي سنڀالڻ ڏاڍو مشڪل هو- مگر واه ڙي حسينؑ واه- دنيا ڪنبي ويئي مگر تنهنجا هٿ نه ڪنبيا- زمين لڏي ويئي مگر تنهنجا قدم نه لڏيا- تير جي مقابلي کان نه ٻار منهن ڦيريو نه حسينؑ- ٻار مسڪرائي تير کاڌو ۽ وڏي اطمينان سان حسينؑ اصغرؑ جي گلي مان تير ڪڍيو- ٻار ڪلي پيءُ کي ڏٺو، انهيءَ مطلب سان ته بابا خدا جو شڪر جو آءٌ به توهان وانگر صبر جي رستي کان گذري ويس- حسينؑ ٻار جو خون پنهنجي ڇهري تي مليو ته منهنجي شهادت جي حُسن کي چمڪائڻ لاء هن ٻار جو خون آهي، جنهن مونکي پنهنجي الله جي سامهون

سرخرو ڪري ڇڏيو. هاڻي سڀ وعدا ۽ نذرانه پورا ٿي چڪا هوا، باقي حسينؑ هو يا هڪڙو بيمار هو. ڪجهه ننڍيون ننڍيون شهزاديون هيون يا مجبور ۽ بيڪس سيدانيون هيون. آخرين رخصت لاءِ امام خيمي ۾ آيو مگر سيني سان اصغره جي ميت لڳائي آيو.

لے چلے سینے سے لپٹا کر حسین اصغر کی لاش،
اور پیارا ہوگیا یہ پھول مرجھانے کے بعد۔

بيڪس ماءُ ٻچي جو آخري ديدار ڪيو. وهندڙ اکين جو پاڻي روڪيو. خيمي جو پردو جهلي دل کي سنڀاليو، ڇيو ته فقط ايترو ڇيو ته هاءِ منهنجا پيارا هن عمر جا ته ٻچا به ذبح نه ڪيا ويندا آهن، جنهن سن ۾ تو کي ذبح ڪيو ويو آهي. اسانجي مظلوم ۽ بيڪس امام مرڻ جي تياري شروع ڪئي. قاتل پراڻا ڪپڙا پيش ڪان گهري پاتا ته ڪو بدن تان لاهي نه. وٺي. حسرت جي نگاهه سان هڪ هڪ کي ڏٺو. صبر و سڪون جي وصيت ڪئي. پنهنجي ٽن ورهين جي نياڻي سڪينه کي هنجهه ۾ کڻي پيار ڪيو ۽ پيءُ جي آغوش محبت ۾ ڏنو ۽ چيو ته ادي هن پار جو خيال سيني ڪان زياده ڪجئين. هنکي تسلي ڏجئين دلاسو ڏجئين. جيڪڏهن پاڻي مليو ته سڀن کان پهرين هن کي ڏجو. خيمي جو پردو هٽيو. پيءُ رڪاب جهلي پاڻ کي گهوڙي تي سوار ڪيو ۽ راه خدا جو مسافر ڪلندو ميدان جنگ ۾ آيو.

تير وڏيا ته سيني کي ڇميون ڏيون. نيزا جهڪيا

تہ سلام ڪريون- تلوارون سڌيون ٿي ويون تہ استقبال ڪريون ۽ مظلوم امام بند قبا کولي تہ وچ ۾ ڪا آڙ باقي نہ رهي- ٻہ چار- ڏهہ ويهہ نہ بلڪ هڪ هزار نو سؤ پنجاهہ زخم کائي حسين ع زمين تي جهڪيو- زمين کي زلزلو آيو- آسمان ڪنبي ويو- اوندهہ انڌوڪار ٿي ويو- منهنجي دل چوي ٿي تہ بسم الله ڪري نانا وڌيو- بيءُ حسين ع جا بازو سنڀاليا- ماءُ گودي پکيڙي ويٺي ۽ چيو تہ منهنجا ٻچا اچ تہ آءٌ پنهنجي ڏڪندڙ گوڏن تي تنهنجو سر رکي وهان سر وڌجي تہ منهنجي هنجهہ ۾ وڌجي- پيٺ گهٻرائي خيمي مان نڪتي منهنجا بيڪس ياءُ آؤ نہ توتي چادر جو سايو ٻہ ڪريان ۽ جي ملي وڃي تہ پاڻي بہ پياريان- آسمان تان آيت لٿي- يا ايها النفس المطمئنہ ارجعي- اي نفس مطمئنہ- اي جان صبر و سڪون- اي منهنجا حسين ع اطمينان جي منزلن کان لنگهي صبر جي راهن کان بلند ٿي منهنجي تقرّب جي منزل ۾ واپس اچ- فتح فيروزي جو تاج تنهنجي لاءِ منهنجي جنت تنهنجي لاءِ- سموري دنيا تنهنجي فدائي- دل تي تنهنجو قبضو- بس منهنجا حسين ع- مصيبت جي دنيا ختم ٿي وئي-

هاڻي ظلم ۽ زور جون تمام ڪوششون تنهنجن ڪارنامن کي پنهنجي سياهہ دامن سان ڍڪي نہ سگهنديون- آءٌ تو کان راضي تون مونکان راضي- بلڪ تمام دنيا تو کان راضي- هاڻو يقيناً هن مظلوم امام آهو ڪم ڪيو جو خدا راضي- رسول راضي- علي ع و فاطمہ ع راضي- ايترو نہ بلڪ حسن ع جو اندازو شهادت آهو هو جو هر مومن

و مسلم راضي - هر دين و مذهب مداح - هر زبان تي حسينؑ
جو نالو - حسينؑ جي سيرت - حسينؑ جو ايثار - حسينؑ
جو اتحاد - حسينؑ جي سياست - حسينؑ جي شجاعت -
حسينؑ جي سرفروشي - والله كه حسينؑ كارے كردي -
زبان حال سان منهنجي دل ۾ هر انصاف پسند جو عقيدو
چئي رهيو آهي ته جڏهن آدمؑ حسينؑ تي نگاهه ڪئي
هوندي ته ڳلي لڳايو هوندو ته حسينؑ تو منهنجي
نسل کي ملڪن کان بهتر ثابت ڪري ڇڏيو - نوحؑ
خوش ٿيو هوندو ته تو اسلام جي ٻيڙي پار لڳائي -
ابراهيمؑ راضي ٿيو هوندو ته تو منهنجي خلت کي تڪميل
تي پهچايو - اسماعيلؑ ممنون احسان ته ذبيح فرات تو
شهادت جو بار پنهنجي سر تي کڻي مونکي ڇري جي
هيٺان اچڻ کان ڇڏايو - جناب موسيٰؑ مداح ته تو ظلم
جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو - جناب عيسيٰؑ مداح ته حسينؑ
تو منهنجي جانفشاني کي ڪمال تي پهچائي ڇڏيو -
هاشم نازان ته تو منهنجي خاندان کي چار چنڊ لڳائي
ڇڏيا - خود محمد مصطفيٰ ص ڳلي سان لڳائي چيو ته
تو منهنجو دين زنده ڪري ڇڏيو - عليؑ سيني سان
لڳائي چيو ته نور نظر تو ايمان جون راهون روشن
ڪري ڇڏيون - حسنؑ جهڙي ڀاءُ تاج امامت پارائي
چيو ته منهنجا قوت بازو تو منهنجي صلح جو نتيجو
ظاهر ڪيو ۾ ماءُ بتول زمين تي پنهنجي هنجهه پکيڙي
چيو ته منهنجا ٻچڙا آءُ مون تو کي انهي ڏينهن لاءِ
پاليو هو - هي ته نانا هو - پيءُ هو - انبيا هئا - مرسلين هئا -

ياڻ هو- ماڻ هئي- مگر دنيا جو اهو ڪهڙو انسان آهي جو حسين جي مدح و ثنا نہ ڪندو هجي- صوفين جو قول حقا ڪه بنائي لا الله است حسين ع- بهادرن جون دليون طاقتور تہ حسين ع سردار بنجي وڃي تہ شجاعت جا جوهر کلن- فقيرن کي تسلي تہ اسان جو فاقيو تہ ڪا شيءِ ئي ناهي- دولتمندن کي دهشت تہ حسين ع سرمايہ داري کي روندي ڇڏيو- بادشاهن جي نگاهہ دربار حسيني تي تہ شهنشاهہ هجي تہ اهڙو هجي- مساوات جا پابند نياز سان سرجهائي رهيا آهن تہ غلام ۽ آقا کي برابر ڪري ڏيکاريو- سياست وارا انهي ۾ محو تہ يزيد لعہ جي سلطنت ڪهڙي طرح مٽائي- اصول جا پابند آگريون وات ۾ ڪيو چون تہ حق کي اپاري نہ ڪو هيئن اپاري- مگر ڏيءُ جي زبان تي اهوئي ورد "مات الفخار و مات الجود و الڪرم" هاءِ منهنجو پيءُ ڪونہ مري ويو فخر و شرع مري ويو- جود و ڪرم مري ويو- دين و مذهب کي موت آيو- هاڻي اسين غريب ٿي وياسين- بيڪس ٿي وياسين- اسان جو خبر لهڻ وارو نہ رهيو- آءُ عرض ڪريان ٿو تہ منهنجي شهزادي حسين ع جي جان تون نہ رو، تنهنجي روئڻ ڪان پيءُ جي دل ڏکندي- روح بيچين ٿيندو- تنهنجي پيءُ کي دنيا روئي رهي آهي- جانور روئي رهيا آهن- انسان روئي رهيا آهن- حيوان روئي رهيا آهن- زمين و آسمان روئي رهيا آهن، منهنجي شهزادي دوست تہ دوست دشمن روئي رهيا آهن ۽ انتهائي شدت گريہ ۾ مجلس تمام ٿي-